# فيضانِ ربيع الاول

**31 october 2019**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Sisters)

هرمبلغ بيان ڪرڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ تي پيرا پڙهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# فيضانِ ربيع الاول

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضورِ اڪرم،نورِ مجسمصَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ رحمت نشان آهي: توهان پنهنجي مجلسن کي مون تي دُرُودِپاڪ پڙهي سينگاريو، ڇوته توهان جو مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهڻ بروزِ قيامت توهان جي لاءِ نُور ٿيندو-

(جامع صغير، ص۲۸۰، حديث :۴۵۸۰)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿيون.فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ"يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي .

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:**(1) بغير سني نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

۞ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ۞ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ۞ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس

۞ ڏکو وغيره لڳو تہ صبر ڪندَس، گھوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندَس ۞ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُالله ، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آھستہ آواز سان جواب ڏيندَس ۞ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال کان بچندَس،نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنھن قسم جو آواز ڇو تہ ان جي اجازت ناھي،جيڪو ڪجھ ٻُڌندَس،ان کي ٻڌي ۽ سمجھي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي بعد ۾ ٻين تائين پھچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ربيع الاول اسلامي سال جو ٽيون مھينو آھي، اھو مھينو فضيلتن، سعادتن، رحمتن ۽ ربّ ڪريم جي نعمتن جو مجموعو آھي، عاشقانِ رسول ھن مبارڪ مھيني کي ماهِ ميلاد جي نالي سان بہ ياد ڪندا آھن، ڇوتہ اھا پاڪ ذات جن کي الله ڪريم تمام جھانن جي لاءِ رحمت بڻائي موڪليو، جن جي خاطر ڪائنات کي سجايو ويو، اھو عظمتن وارو نبي، خاتَمُ النّبيينصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ انھيءَ مبارڪ مھيني ۾ دنيا ۾ تشريف فرما ٿيا، ھن مھيني کي سيئي فضيلتون، سعادتون ۽ برڪتون نبي ڪريم، رؤف رحيمصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت جي صدقي نصيب ٿيون، انھيءَ مناسبت سان اڄ جي بيان ۾ اسان ان مبارڪ مھيني جون فضيلتون ۽ برڪتون، بزرگ سڳورن جي ميلاد ملھائڻ جا واقعا، ھن مھيني ۾ ڪيا ويندڙ نيڪ عمل ۽ اسان کي ھن مھيني کي ڪھڙي انداز ۾ گذارڻ گھرجي؟ ھن بابت نڪتا پڻ ٻڌنديوسين، الله پاڪ اسان کي سڄو بيان سنين نيتن ۽ مڪمل توجھ سان ٻڌڻ جي توفيق نصيب فرمائي-

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ربيعُ الاول جي مھيني کي ايتريون فضيلتون ڇو مليون، حضرت امام زڪريا بن محمد بن محمود قزويني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ھي اھو مبارڪ مھينو آھي جنھن ۾ الله پاڪ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ

جي وجودِ مَسعود جي صدقي دنيا وارن تي پلائين ۽ سعادتن جا دروازا کولي ڇڏيا آهن، انهيءَ مهيني جي ٻارهين تاريخ جو رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت ٿي- (عجائب المخلوقات، ص۶۸)

ربیعِ پاک تجھ پر اہلسنّت کیوں نہ قرباں ہوں
کہ تیری بارہویں تاریخ وہ جانِ قمر آیا

(قبالۂ بخشش،ص۳۷)

## "رَبيعُ الاوّل" چوڻ جو سبب

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! يقيناً جيڪا سعادت ربيع الاول جي حصي ۾ آئي آهي اها ٻي ڪنهن مهيني کي نصيب ناهي ٿي- ربيع الاول جي معنىٰ ڇا آهي، اچو ٻڌون ٿيون: ربيع چوندا آهن بهار جي موسم کي يعني سيءَ ۽ گرمي جي وچ واري جيڪا موسم هوندي آهي ان کي ربيع چوندا آهن- اهلِ عرب موسمِ بهار جي ابتدائي زماني کي "ربيعُ الاوّل" چون ٿا، هن موسم ۾ ڪُنيپي (برسات ۾ نرم ڪاٺي جي پسڻ سان ڇٽي جيان هڪ گاهه ڦُٽي پوندو آهي ۽ هن کي ڪنيپي چيو ويندو آهي-) ۽ گل پيدا ٿيندا آهن ۽ جنهن وقت گلن جي پيداوار ٿيندي آهي انهن ڏينهن کي ربيعُ الآخر چوندا هئا- جڏهن مهينن جا نالا رکيا ويا تہ صفر کان پوءِ ٻن مهينن کي انهيءَ ٻن موسمن جي نالي تي ربيعُ الاوّل ۽ ربيعُ الآخر جو نالو ڏنو ويو- (لسان العرب،۱۴۳۵/۱ ملخصاً)

ربيع الاول جو شان اهو آهي تہ انهيءَ مهيني ۾ ٻنهي جهانن جي سلطان، محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت ٿي آهي، يقينًا حُضُورِ انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جهان ۾ شاهِ بحر وبَر ٻڌجي جلوه گر نہ ٿين ها تہ ڪا عيد، نہ عيد هجي ها، نہ ڪا شب، شبِ بَراءَت- بلڪ ڪون و مڪان جون سموريون رونقون ۽ شان ان جان جهان،محبوبِ رَحمٰن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي قدمن جي مٽي جو صَدقو آهي- هن مبارَڪ مهيني جي ٻارهين تاريخ نهايت ئي سعادتن ۽ عظمتن واري آهي، ڇوتہ اسان جي پياري نبي، مڪي، مدني، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادتِ باسعادت سومر جي ڏينهن 12 ربيعُ الاوّل جو ٿي- (لطائف المعارف، ص۱۰۴ـمواهب اللدنية ، المقصدالاول، آيات ولادته---الخ، ۷۵/۱)

اهو ئي سبب آهي جو هن ڏينهن عاشقانِ رسول پنهنجي حيثيت آهر

محافل ميلاد ملهائيندا آهن ۽ الله كريم جي رحمتن مان حصو ماڻيندا آهن- اچو! اَنهيءَ مناسبت سان هڪ واقعو ٻڌون ٿيون:

## ملائڪن جا انوار

حضرتِ سَيدُنا شاهه وَلِي الله محدثِ دهلوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا ته مان هڪ ڀيرو ان محفلِ ميلاد ۾ حاضر ٿيس، جيڪا مڪي شريف ۾ رَبِيعُ الاَوَّل جي ٻارهين تاريخ تي مولدُ النبي (يعني سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي وِلادت گاهه) ۾ منعقد ٿي، جنهن وقت ولادت جو ذڪر پڙهيو پئي ويو ته مون ڏٺو ته اوچتو ان مجلس مان ڪجهه اِنوار بُلند ٿيا، مون انهن انوارن تي غور ڪيو ته معلوم ٿيو ته اهي رحمتِ الٰهي ۽ انهن ملائڪن جا انوار هئا جيڪي اهڙين محفلن ۾ حاضر ٿيندا آهن- (سيرتِ مصطفي ،ص ۷۲-۷۳)

نُوری محفل پہ چادر تنی نُور کی
نُور پھیلا ہوا آج کی رات ہے

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اوهان ٻڌو ته جشنِ عيد ميلادُالنبي جي محفل ۾ ربّ ڪريم جي رحمتن جو نزول ٿيندو آهي، اَنوارِ الٰهي ڇماڇم ٿيندي آهي، رحِمت جا ملائڪ ميلاد شريف جي محفلن ۾ شريڪ ٿيندا آهن ۽ ميلاد ملهائڻ وارن کي پنهنجي نوراني پرن سان گهيري وٺندا آهن، ميلاد شريف ملهائڻ وارن سان رب ڪريم خوش ٿيندو آهي ۽ ان تي پنهنجن انعامن ۽ نوازشن جي بارش بہ ڪندو آهي- يقيناً ميلاد شريف ملهائڻ، ميلاد جي مهيني ۾ پنهنجن گهرن کي مدني پرچمن، جڳمڳ ڪندڙ قُمقُمن، رنگ برنگي لائٽن سان سجائڻ، ربيع الاوّل جو چنڊ نظر ايندي ئي نيڪ عمل ۽ درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪرڻ ۽ ميلاد شريف جي محفلن ۾ شرڪت ڪرڻ اجروثواب جو سبب ۽ مغفرت حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي، پر افسوس! اڄوڪي دور ۾ محفل ميلاد هجي يا اجتماعِ ذڪر ونعت ۾ درس و بيان ٻڌڻ جو موقعو اسان لاپرواهي ڪنديون آهيون، هيڏانهن هوڏانهن ڏسنديون آهيون، موبائل فونز استعمال

ڪنديون آهيون، سيلفيون ناهن ٺا، هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندي اهو وقت گذاريندڙيون آهيون، نه پاڻ توجهه سان بيان ٻڌنديون آهيون نه ٻين کي بيان ٻڌڻ ڏينديون آهيون، نه اسان جو ڌيان بيان ڪرڻ واريءَ ڏانهن هوندو آهي نه ٻين جو ڌيان برقرار رهڻ ڏينديون آهيون، ڪڏهن بيان ڪرڻ واريءَ جي نه ڪڏهن محفل ميلاد ڪرائڻ وارين جون غيبتون ڪنديون آهيون، ڪڏهن محفل جي اهتمام تي اعتراض ڪري گناهن ۽ محرومين جو بوجهه پنهنجي مٿي تي کڻي نظر ايندڙيون آهيون، جڏهن ته

صحابه ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان حضور نبي رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي محفل ۾ هوندا ها ته ايتري قدر توجهه سان ٻڌندا ها جو انهن جي مٿي تي پکي ويهي رهندا هئا، پر انهن کي خبر نه پوندي هئي، ٻي پاسي اسان مان ڪجهه آهيون جو انهيءَ آقا جي اوصاف و ڪمالات کي غور سان نٿيون ٻڌون، نه ئي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو نالو ٻڌي درود پڙهنديون آهيون- اسان کي گهرجي ته جڏهن به سنتن ڀري اجتماع يا مدني مذاڪري ۾ حاضري جي سعادت ملي ته باادب انداز ۾ توجهه سان ٻڌڻ جي عادت بڻايون- اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ واقعو ٻڌون ٿيون: جيئن

خليفهءِ مفتيءِ اعظم هند، محدثِ اعظم حجاز حضرت شيخ سيد محمد بن علوي مالڪي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا: منهنجي والد حضرت سَيد عباس مالڪي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ٻڌايو: آئون بيتُ المقدس ۾ ٻارهين شريف جي رات محفلِ ميلاد ۾ شريڪ هئس، مون ڏٺو ته هڪ پوڙهو شخص ابتداء کان وٺي آخر تائين انتهائي ادب ۽ احترام سان ويهي محفل ميلاد ۾ شريڪ هو، جڏهن ڪنهن سڄي محفل ويهي ٻڌڻ جو سبب پڇو ته ان ٻڌايو ته هو نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ذڪرِ خير ٻڌڻ وقت تعظيم طور بيهڻ کي بدعت سيئه (برو عمل) سمجهندو هيو- هڪ ڏينهن خواب ۾ ڏٺو ته هو هڪ تمام وڏي اجتماع ۾ شريڪ آهي ۽ ماڻهو نبي ڪريم، روؤف رَّحيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو استقبال ڪرڻ جي لاءِ بيٺا آهن، جڏهن نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آمد تي ته تمام ماڻهن اِنتهائي ادب ۽ اِحترام سان حُضور جو استقبال ڪيو، پر اهو سندن جي تعظيم ۾ بيٺو نه هو، نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي فرمايو: **"تون هاڻي ويهي نه سگهندين"** جڏهن ان جي اک کلي ته ان ڏٺو ته اهو ان وقت به ويٺل آهي- ان پريشاني ۾ هڪ سال گُذري ويو پر

اهو بيهي نہ سگهيو، آخرڪار ان اها باس باسي تہ جيڪڏهن الله پاڪ مون کي ان مرض کان شفاياب فرمايو تہ مان محفلِ ميلاد شُروع کان آخر تائين بيهي ٻڌندس- ان باس جي برڪت سان الله پاڪ اُن کي صحت عطا فرمائي، هاڻي ان جو اهو معمول بڻجي ويو تہ هو سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي تعظيم ۾ سڄي محفل بيهي ٻڌندو آهي- (الاعلام بفتاوي ائمة الاسلام حول مولده عليه السلام ص ٩۴)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان ربيع الاول جي فضيلتن ۽ ان جي برڪتن جي باري ۾ ٻڌي رهيون هيوسين، ربيعُ الاوّل جي عظمتن جي ڇا ڳالهہ ڪجي! ان کي ڪائنات جي سڀ کان وڏيڪ عظمت ۽ شان واري هستي، اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ سان نسبت آهي- انهيءَ نسبت هن مهيني جو شان وڌائي ڇڏيو آهي ۽ ان تاريخ کي ليلة القدر کان بہ افضل بڻائي ڇڏيو آهي، ڇوتہ هن مهيني ۾ ربّ ڪريم جي سڀ کان وڏي رحمت اسان گناهگارن کي نصيب ٿي، هن مهيني ۾ رب ڪريم پنهنجو محبوب اسان کي عطا فرمايو، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ هن رحمت تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪريون، ان جي رحمت تي خوشيون ملهايون، ڇوتہ رحمتِ الٰهي ملڻ تي خُوشي ملهائڻ جو حڪم تہ الله ڪريم خود ارشاد فرمايو آهي، جيئن

سيپاري 11 سُوره يونُس جي آيت نمبر 58 ۾ اِرشاد آهي-

قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَ بِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْاؕ هُوَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ۝۵۸

(پ 11 يونس 48)

**ترجمو ڪنزالايمان:** تون فرماءِ الله جي فضل ۽ سندس رحمت تي جڳائي تہ خوشي ڪن، اهو انهن جي سموري ڌن دولت کان بهتر آهي.

مشهور مفسّرِ قرآن، مُفتي اَحمد يارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه هن آيت سڳوري جي حوالي سان اِرشاد فرمائن ٿا: اي مَحبُوب! ماڻهن کي اها خُوشخبري ڏيو ۽ اهو حڪم بہ ڏيو تہ الله جي فَضل ۽ ان جي رَحمَت مِلڻ تي تمام گهڻيون خُوشيون ڪيو- عام خُوشي تہ هر وَقت ڪيو ۽ خُصُوصي خُوشي انهن تاريخن ۾ جن ۾ اهي نِعمَتون مليون يعني رَمَضان ۾ تہ الله جو فضل"قرآن" آيو، رَبِيعُ الاَوَّل ۾ خُصُوصاً ٻارهين تاريخ جو رَحمَةٌ لِّلعَالَمِين يعني محمدِ مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ پيدا ٿيا- اهو فَضل ۽ رَحمَت يا اُن جي خُوشي ڪرڻ توهان جي دُنياوي جَمع ڪيل مال ۽ مَتَاع، پيسہ، مَڪان، جائيداد، جانور، ٻني ٻاري بلڪ

اَولاد وغيره سڀ کان بهتر آهي جو ان خُوشي جو نَفعو شخصي ناهي بلڪ قومي آهي- وَقتي ناهي بلڪ دائِمي آهي- صرف دُنيا ۾ نہ بلڪ دِين ۽ دُنيا ٻنهي ۾ آهي- جِسماني ناهي بلڪ دِلي ۽ رُوحاني آهي- برباد ناهي بلڪ ان تي ثَواب آهي- (تفسيرِ نعيمي ،پ١١،يونس،تحت الآية:١١،٥٨/٣٧٨ملخصاً)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! معلوم ٿيو تہ ربيع الاول ۽ خاص ڪري هن مبارڪ مهيني جي ٻارهين تاريخ وڏي عظمت ۽ برڪت ڀري آهي، ڇوتہ انهيءَ ٻارهين تاريخ تي ڪفر ۽ شرڪ جون سيئي ظلمتون ختم ٿي ويون، انهيءَ ٻارهين تاريخ تي هر پاسي روشني ئي روشني ٿي وئي، انهيءَ ٻارهين تاريخ تي هر طرف خوشي ڇائنجي وئي، انهيءَ ٻارهين تاريخ جبريلِ امين عَلَيه السَّلام ڪعبي جي ڇت تي جهنڊو لڳايو، انهيءَ ٻارهين تاريخ تي اِيران جي بادشاھ ڪسريٰ جي محل تي زلزلو آيو، انهيءَ ٻارهين تاريخ تي ان جي محل ۾ ڏار پئجي ويا، انهيءَ ٻارهين تاريخ تي هڪ هزار سال کان ٻرندڙ آتش ڪدو خود بخود وسامي ويو- انهيءَ ٻارهين تاريخ تي الله پاڪ جي حڪم سان آسمان ۽ جنّت جا دروازا کوليا ويا هئا- انهيءَ ٻارهين تاريخ تي شيطان جو منهن ڪارو ٿي ويو ۽ هي ئي اها ٻارهين تاريخ آهي جيڪا عاشقانِ رسول جي لاءِ عيدن جي عيد آهي. هي ئي اها ٻارهين تاريخ آهي جيڪا شبِ قدر کان بہ افضل ترين آهي، جيئن

حضرتِ شيخ عبدُالحق مُحَدِّث دِهلوي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: بيشڪ سرورِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت واري رات شب قدر کان بہ افضل آهي، ڇو تہ ولادت واري رات سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هن دنيا ۾ جلوه گر ٿيڻ جي رات آهي، جڏهن تہ شب قدر سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي عطا ڪيل رات آهي ۽ جيڪا رات ذات مقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ظهور جي ڪري مشرف ٿئي اها رات ان رات کان وڌيڪ شرف ۽ عزت واري آهي جيڪا ملائڪن جي نازل ٿيڻ سبب مُشرَّف آهي- (مَا ثَبَتَ بِا لسُّنّة،ص١٥٣)

سَحابِ رحمتِ باری ہے بارہویں تاریخ    کرم کا چشمۂ جاری ہے بارہویں تاریخ
ہمیں تو جان سے پیاری ہے بارہویں تاریخ    عَدو کے دِل کو کٹاری ہے بارہویں تاریخ

ہزار عید ہوں ایک ایک لَحظہ پر قُرباں ۔۔۔ خُوشی دلوں پہ وہ طاری ہے بارہویں تاریخ
ہمیشہ تُونے غلاموں کے دِل کئے ٹھنڈے ۔۔۔ جلے جو تجھ سے وہ ناری ہے بارہویں تاریخ
حسنؔ وِلادتِ سرکار سے ہوا روشن ۔۔۔ مرے خدا کو بھی پیاری ہے بارہویں تاریخ

(ذوقِ نعت،ص۱۲۱-۱۲۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارين پيارين اسلامي ڀينرون! اسان کي گهرجي تہ شريعت جي دائري ۾ رهندي خُصوصي اهتمام سان هن ڏينهن (ٻارهين شريف) ۽ خاص ڪري سڄي ربيع الاول ڪي ئي نيڪ اعمال ۾ گذاريون، هن مقدس مهيني ۾ فرض نمازن سان گڏوگڏ نفل نمازن جو اهتمام ڪريون، ڪثرت سان تلاوتِ قرآن ڪريون، هن خوب صدقو ۽ خيرات ڪريون، اسلامي ڀينرن کي نيڪي جي دعوت ڏئي گناهن کان بچائڻ جي ڪوشش ڪريون، دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اِجتماع ۾ شرڪت ۽ خاص ڪري ربيع الاول شريف جي ابتدائي 12 ڏينهن ۾ ٿيڻ وارن مدني مذاڪرن کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪريون- اچو! ربيع الاول شريف ۽ خاص ڪري ٻارهين تاريخ تي ٿيندڙ نيڪ عملن جي باري ۾ ٻڌون ٿيون-

## نفلي روزن جو اهتمام ڪريو

پيارين پيارين اسلامي ڀينرون! انهن ڏينهن ۾ نَفلي روزا رکڻ جو اهتمام ڪريو، ياد رکو! ساهہ تي ڪوئي ڀروسو ناهي، خبر ناهي ڪڏهن اهي پساهہ رُڪجي وڃن ۽ ان سان گڏ اسان جي عملن جو سلسِلو بند ٿي وڃي- اسان کي نيڪين جو ڪو موقعو نہ وڃڻ ڏيڻ گهرجي، اللّٰہ ڪريم جي فَضل ۽ ڪرم سان زِندگي ۾ هڪ ڀيري ٻيهر ربيع الاول جو مُبارڪ مهينو اسان کي ڏسڻ نصيب ٿيو، ان جي هڪ هڪ ڏينهن جي قدر ڪندي خوب نيڪ اعمال ڪريو، ربّ ڪريم جي رضا ۽ خوشنودي حاصل ڪرڻ، رحمتِ الٰهي جو حقدار بڻجڻ، بارگاهہ مصطفي ۾ ايصالِ ثواب پيش ڪرڻ جي نيَت سان جنهن سان ٿي سگهي هن مهيني جي پهرين تاريخ کان ٻارهين تاريخ تائين 12 نفلي روزا رکو، خاص ڪري ٻارهين جو تہ روزو رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪريو، ڇوتہ حضور صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هر سومر شريف جو روزو رکي پنهنجو يومِ ولادت ملهائيندا هئا-

حضرت اَبُو قَتَادَہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: حضور نبي رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي بارگاھ ۾ سومر جي روزي جي باري ۾ پڇيو ويو تہ ارشاد فرمايائون: انهيءَ ڏينهن منهنجي وِلادت ٿي ۽ انهيءَ ڏينهن مون تي وَحي نازِل ٿي- (مسلم،كتاب الصيام،باب استحباب صيام ثلاثة۔۔۔الخ،ص۴۵۵،حديث:۲۷۵۰)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! يقيناً هڪ حقيقي عشقِ رسول رکڻ وارن جي سڃاڻپ اها هوندي آهي جو اهو دنيا جي مَحَبَّت کان پيڇو ڇڏائي پنهنجي زندگي جي هر هر معاملي ۾ اِطاعتِ رسول کي پنهنجي عادت بڻائي ڇڏيندو آهي، ان جو هڪ مثال اميرِ اهلسنَّت، حَضرتِ علّامہ مَولانا محمدالياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِيَه جي مبارڪ ذات بہ آهي، پاڻ دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِيَه ٻارهين شريف ۽ خاص ڪري هر سومر شريف جو روزو رکندا آهن ۽ پنهنجي مُريدن ۽ مُحِبّن کي بہ هر سومر شريف جو روزو رکڻ جي ڀرپُور ترغيب ڏياريندا آهن- تنهڪري اسان کي گهرجي تہ يادِ مصطفٰي ۾ نہ صرف پاڻ بلڪ پنهنجي گهروارن کي بہ ٻارهين شريف جو روزو رکڻ جي دعوت ڏيون ۽ ربّ ڪريم جي هن عظيم نعمت جو شڪر ادا ڪريون ۽ بارگاھِ مصطفٰي ۾ ايصالِ ثواب پيش ڪري دنيا ۽ آخرت جي برڪتن جون حقدار بڻجون-

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!     صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪثرت سان ذڪرِ حبيب ڪريو

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي محبت اسان جي ايمان جو بنياد آهي ۽ محبت جي هڪ نشاني اها آهي تہ محبوب جو ڪثرت سان ذڪر ڪيو وڃي، روايت ۾ آهي: "مَنْ اَحَبَّ شَيْئًا اَكْثَرَ مِنْ ذِكْرِهٖ" يعني جيڪو ڪنهن سان محبت ڪندو آهي ان جو ڪثرت سان ذڪر ڪندو آهي- (جامع صغير، ص۵۰۷،حديث:۸۳۱۲)

ائين تہ اسان کي سڄو سال ئي آقا ڪريم، رؤف رحيم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو ذڪر خير ڪرڻ ۽ پنهنجي قول ۽ فعل جي ذريعي پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان محبت جو اظهار ڪرڻ گهرجي، پر خاص ڪري هي سلسلو هنن ڏينهن ۾ وڌيڪ هئڻ گهرجي ۽ ان ذڪر جو بهترين ذريعو نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي

درودِ پاڪ پڙهڻ بہ آهي- چوتہ درودِپاڪ پڙهڻ جون بي شمار فضيلتون ۽ برڪتون آهن، مثال طور درودِ پاڪ جي برڪت سان دلين جي صفائي ٿيندي آهي- درودِ پاڪ جي برڪت سان رِزق ۾ برڪت ٿيندي آهي- درودِ پاڪ جي برڪت سان پل صراط تي آساني نصيب ٿيندي- درودِ پاڪ جي برڪت سان آقا ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت نصيب ٿيندي- تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ هن بابرڪت مهيني ۾ درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪريون- اچو! گڏجي دعا ڪريون ٿيون:

ہم مولیٰ درودِ پاک ترے محبوب پر ہر دم     بچیں بے کار باتوں سے پڑھیں اے کاش کثرت سے

(وسائلِ بخشش مرمّم)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نفلن جي ڪثرت ڪريو

پيارِيون پيارِيون اسلامي ڀينرون! اسان ربيع الاول ۾ ڪيا ويندڙ نيڪ عملن جي باري ۾ ٻڌي رهيون هيوسين، ربيع الاول ۾ اللّٰه پاڪ ۽ ان جي محبوب جو قرب ماڻڻ وارا عمل ڪريون، هن جو هڪ بهترين ذريعو نفلن جي ڪثرت بہ آهي، ان ڪري اسان جا بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم فرائض ۽ واجبات سان گڏوگڏ نفلن جي بہ ڪثرت ڪندا هئا- اچو! ربيع الاول ۽ خاص ڪري ٻارهين شريف جي ڪجھ نفلن جي باري ۾ ٻڌون ٿيون: جيئن

(1) ربيعُ الاوّل جي پهرين رات نمازِ مغرب کان پوءِ بہ رڪعت نفل هن طرح پڙهو جو هر رڪعت ۾ سوره فاتحہ کان پوءِ ٽي ڀيرا سوره اخلاص (قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَد) جي تلاوت ڪريو ۽ سلام کان پوءِ سؤ ڀيرا اهو درودِ پاڪ پڙهو: اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ وَّبَارِكْ وَسَلِّمْ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرّٰحِمِيْن- (لطائف اشرفي ۲۳۱/۲-جواهرخمسه، ص ۲۱)

(2) ٻارهين تاريخ جو نبيءِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ ۾ ايصالِ ثواب پهچائڻ جي نيت سان ويهہ (20) رڪعت نفل پڙهو ۽ هر رڪعت ۾ سوره فاتحہ کان پوءِ ايڪويهہ (21) ڀيرا سوره اخلاص (قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَد) پڙهو- هڪ شخص هميشہ اهو نماز پڙهندو هو ان کي خواب ۾ نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي

زيارت ٿي، رسول اکرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائي رهيا هئا تہ اسان تو کي پاڻ سان گڏ جنت ۾ وٺي ويندا سين- (جواهرخمسه، ص ٢١)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان کي بہ فرائض ۽ واجبات جي ادائيگي سان گڏوگڏ انهن نفلن کي ادا ڪرڻ گهرجي، ڇوتہ نفل نمازن جا بيشمار فائدا ۽ برڪتون آهن، ❖ **نفلن جي** برڪت سان خُدا جي عابد ٻانهن ۾ شمار ٿيندو آهي- ❖ **نفلن جي** برڪت سان ربّ ڪريم جي محبت نصيب ٿيندي آهي- ❖ **نفلن جي** برڪت سان رِزق ۾ برڪتِ ٿيندي آهي- ❖ **نفلن جي** برڪت سان دشمنن جي شر ۽ فساد کان حفاظت نصيب ٿيندي آهي- ❖ **نفلن جي** برڪت سان موت جي سختي کان حفاظت نصيب ٿيندي آهي- ❖ **نفلن جي** برڪت سان شيطان جي وسوسن کان حفاظت نصيب ٿيندي آهي- ❖ **نفلن جي** برڪت سان قبر روشن ۽ ڪشادي ٿيندي آهي- ❖ **نفلن جي** برڪت سان قبر جنت جي باغن مان هڪ باغ بڻجي ويندي آهي- ❖ **نفلن جي** برڪت سان قيامت جي پريشانين کان نجات حاصل ٿيندي آهي-

عبادت میں گزرے مری زندگانی
کرم ہو کرم یا خدا یاالٰہی
مسلماں ہے عطّارؔ تیری عطا سے
ہو ایمان پر خاتمہ یاالٰہی
(وسائلِ بخش مرمم،ص١٠٥)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مڪتوبِ عطار

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان ربيع الاول ۾ ڪيا ويندڙ نيڪ عملن جي باري ۾ ٻڌي رهيون هيوسين، ياد رهي ربيع الاول جو ادب واحترام ڪرڻ هن ۾ نيڪ عملن جي ڪثرت ڪرڻ بيشمار اجرو ثواب جو سبب آهي- اچو! ربيعُ الاَوَّل ۾ وڌيڪ نيڪ عمل ڪرڻ جو ذهن بنائڻ جي لاءِ اَميرِ اَهلسنّت،

حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي صُبحِ بهاران مان ڪجهه نڪتا ٻڌون ٿيون: جيئن

پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهفرمائن ٿا: تمام اسلامي ڀينرون جشنِ ولادت جي خوشي ۾ سنتن جي مطابق زندگي گذارڻ جي نيت ڪري ونو- ٻارهين جي شام نہ تہ ٻارهينءَ جي رات غسل ڪيو، ٿي سگهي تہ هن عيدن جي عيد جي تعظيم جي نيت سان ضرورت جون تمام شيون نيون خريد ڪري ونو- جشنِ ولادت جي خوشي ۾ ڪو بہ اهڙو ڪم نہ ڪريو جنهن سان حقوقُ العباد پامال ٿيندا هجن- جشنِ ولادت جي خوشي ۾ گهرن تي سبزسبز پرچم لڳرايو. جائز ذريعن سان لائٽنگ جي سيٽنگ ڪرايو- نَمازِ باجماعت جي پابندي جو خيال رکو-

وڏيڪ فرمائن ٿا: اسلامي ڀينرون ٣٠ ڏينهن تائين روزانو گهر جي اندر (صِرف گهر جي اسلامي ڀينرن ۽ مَحرمن ۾) فيضانِ سنت جو درس جاري ڪن ۽ وري اڳتي بہ روزانو جاري رکڻ جي نيت ڪن. تمام اسلامي ڀينرون هنن عملن سان گڏوگڏ ٻيا نيڪ عمل پڻ ادا ڪن ۽ ربيع الاوّل شريف ڪي عبادت ۽ رياضت ۾ گذارڻ جي نيت فرمائي ونو-

عمل کا ہو جذبہ عطا یاالٰہی گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی

دے شوقِ تلاوت دے ذوقِ عبادت رہوں باوُضو میں سدا یاالٰہی

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۱۰۲)

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان ربيع الاول جي فضيلتن ۽ برڪتن، هن مقدّس مهيني ۾ ڪيا ويندڙ نيڪ عملن بابت ٻڌي رهيون هيون سين، اسان جا بزرگ سڳورا تمام وڏي ادب ۽ احترام، عبادت ۽ رياضت ۽ اهتمام سان هن مبارڪ ۽ مقدّس مهيني کي گذاريندا هئا، هن مبارڪ مهيني ۾ خصوصيت سان نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ميلادشريف ملهائيندا هئا، خوب صدقو ۽ خيرات ڪندا هئا، غريبن، تنگدستن ۽ لاچارن جي

مدد كندا هئا، اچو! ميلادشريف ملهائڻ جو واقعو ٻڌون ٿيون، جيئن

## ربيع الاول ۾ اربل جو بادشاهه

اِربِل جو بادشاهه جن جو نالو ابُو سعيد مظفر رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هو، اهو عظيم فاتح سلطان صلاح الدين ايوبي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو پيٽويو هو، اهو بادشاهه ڏاڍو سخي، نيڪ دل انسان ۽ عادل هئڻ سان گڏوگڏ عالم بہ هو، نهايت دلير ۽ ذهين هو. انهن پنهنجي وفات کانپوءِ ڪيئي سنيون يادگيريون ڇڏيون. هر سال ربيعُ الاول ۾ ميلاد شريف وڏي اهتمام سان ڪندو هو، تمام وڏي محفل جو اِنعقاد ڪندو هو- (البداية والنهاية،١٨/٩ ملخصاً) ان محفل ۾ شرڪت ڪرڻ وارن جو بيان آهي تہ انهن محفلِ ميلاد ۾ ٻُڪل ٻڪرين جون پنج هزار منڍيون ڏٺيون، 10 هزار ڪڪڙ، ڪيرٽي جا هڪ لک پيالا ۽ حلوي جا 30 هزار ٿال ڏٺا، ڪيئي عُلماء ۽ صُوفيا محفلِ ميلاد ۾ شرڪت ڪندا هئا، بادشاهه (ابُو سعيد مظفر رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه) انهن ڪي قيمتي لباس پارائيندو هو، انعامات سان نوازيندو هو، اهي هر سال محفلِ ميلاد تي ٽي (3) لک دِينار خرچ ڪندا هئا، مهمانن جي لاءِ مهمان خانو هوندو هو، اهو هر سال ان گهر ۾ سالانو هڪ لک دِينار خرچ ڪندو هو، ٽيهہ (30) هزار دِينار خرچ ڪري حَرَمَين شَرِيفَين جا رستا دُرُست ڪرائيندو هو، اهي صدقا انهن صدقن کان علاوه هئا، جيڪي پوشيده طور تي ڪيا ويندا هئا- (سبل الهدي والرشاد،٣٦٢/١ بتغير قليل)

ربیعِ پاک تجھ پر اہلسنّت کیوں نہ قرباں ہوں
کہ تیری بارہویں تاریخ وہ جانِ قمر آیا

(قبالۂ بخشش، ص٦٥)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اوهان ٻڌو تہ اسان جا بزرگ سڳورا رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم هن مبارڪ مهيني جو بيحد ادب ۽ احترام ڪندا هئا، هن مهيني ۾ خوب صدقو ۽ خيرات ڪندا هئا، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ميلادشريف ملهائيندا هئا، ياد رکو! ميلاد شريف ملهائڻ جون بيشمار فضيلتون ۽ برڪتون آهن-

حضرت سَيِّدنا امام عبدُالرّحمٰن ابنِ جوزي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جشنِ ولادت تي

فرحت ۽ خوشي ڪرڻ واري جي لاءِ اها خوشي، جهنَّم کان رُڪاوٽ بڻجندي- اي اُمَّتِ محبوب! توهان جي لاءِ خوشخبري آهي توهان دنيا ۽ آخرت ۾ ڪثير ڀلائين جا حقدار ٿيندا- حضرت سيدنا احمدِ مجتبي، محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو جشنِ ولادت ملهائڻ واري کي برڪت، عزت، ڀلائي ۽ فخر ملندو، موتين وارو عمامو ۽ سبز حُلّو پائي اهو جنت ۾ داخل ٿيندو، بي شُمار محل ان کي عطا ڪيا ويندا ۽ هر محل ۾ حُور هوندي- نبي خيرُ الاَنام صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي خوب دُرُود پڙهو، جشنِ ولادت ملهائي ان کي خُوب عام ڪيو وڃي- (مجموع لطيف النبي في صيغ المولد النبوي القدسي،مولد العروس،ص۲۸۱،ملتقطاً)

## جشنِ ولادت ملهائڻ جو ثواب

حضرتِ سَيدُناشيخ عبدُالحق مُحَدِّث دِهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جي ولادت جي رات خوشي ملهائڻ وارن جي جزا هي آهي ته الله تعاليٰ انهن کي فضل ۽ ڪرم سان جَنَّتُ النَّعِيم ۾ داخل فرمائيندو، مسلمان هميشه کان محفلِ ميلاد منعقد ڪندا آيا آهن ۽ ولادت جي خوشيءَ ۾ دعوت ڏيندا، کاڌا پچائيندا ۽ خوب صدقا ۽ خيراتون ڏيندا آيا آهن خوب خوشيءَ جو اظهار ڪندا آهن ۽ دل کولي خرچ ڪندا آهن ۽ سرڪارمدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت با سعادت جي ذڪر جو اهتمام ڪندا آهن ۽ پنهنجن گهرن کي سينگاريندا آهن ۽ انهن تمام سنن ڪمن جي برڪت سان انهن ماڻهن تي الله تعاليٰ جون برڪتون نازل ٿينديون آهن. (مَا ثَبَتَ با السُّنَّة،ص۱۵۵ ملتقطًا)

تنهنڪري اسان کي به کپي ته شريعت جي دائري ۾ رهندي خُصوصي اهتمام سان خُوشي خُوشي ان ڏينهن کي ملهايون، اجتماعِ ميلاد مُنعقد ڪيون، ان ڏينهن خُوب صدقو ۽ خيرات جي عادت بڻايون، اِنْ شَآءَ الله ان جون خوب خوب برڪتون ملنديون-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿي، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون

سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥)

## هلڻ جون سُنتون ۽ آداب

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اچو ته شَيخِ طَرِيقَت،اَمِير اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي "163 مَدَني گُل" مان هلڻ جون سُنتون ۽ آدابَ ٻڌون ٿيون: ❖ سيپاري 15 سورهٔ بني اسرائيل آيت نمبر 37 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمايو آهي:

وَلَا تَمۡشِ فِی الۡاَرۡضِ مَرَحًا ۚ اِنَّکَ لَنۡ تَخۡرِقَ الۡاَرۡضَ وَلَنۡ تَبۡلُغَ الۡجِبَالَ طُوۡلًا ۝

ترجموڪنزالايمان: ۽ زمين ۾ آڪڙ ڪري نه هل بيشڪ تون زمين کي هرگز چيري نه سگهندين ۽ هرگز پهاڙن جي اوچائي کي نه پهچندين .

❖ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: هڪ شخص ٻه چادرون پائي تڪَبُّر سان هلي رهيو هو ۽ گهمنڊ ۾ هو اهو زمين ۾ داخل ڪيو ويو ۽ اهو قيامت تائين زمين ۾ داخل ڪيو ويندو. (صحيح مسلم ص 1156حديث 2088) ❖ رسولِ اڪرم،نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هلندا هئا ته ايتري قدر اڳيان طرف جهڪي هلندا هئا ڄڻ ته پاڻ مٿانهون ڪان هيٺ پيا لهن . (الشمائل المحمديه للترمذي ص 87 رقم 118) ❖ جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ نه هجي ته رستي جي ڪناري وچٿري چال هلو، نه ايترو تيز جو ماڻهن جون نگاهون اوهان ڏانهن ڏسن ۽ نه ايترو آهستي اوهان بيمار لڳو ❖ رستي تي هلندي بنا ضرورت هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ سنّت ناهي، هيٺ نِگاهه ڪري باوقار طريقي سان هلو. ❖ ڪجهه ماڻهن جي عادت هوندي آهي ته رستي تي هلندي جيڪا ٻه شيء سامهون آئي ان کي لتون هڻندي گذرندا آهن، هي بالڪل غير مُهَذَّب طريقو آهي ائين ڪرڻ سان ڪنهن جو پير زخمي ٿيڻ جو ٻه انديشو آهي ۽ اخبار يا لڪائي وارن دٻن، پيڪٽن، ۽ مِنرل واٽر جي خالي بوتلن وغيره کي لت هڻڻ بي ادبي به آهي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب ! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اِنْ شَآءَ الله! آئنده هفتيوار اِجتماع جو موضوع هوندو: "**قرآن پاڪ ۽ نعتِ مصطفٰي**" جنهن ۾ اسان حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي شان ۽ عظمت، فضيلتن ۽ برڪتن ۽ اهي خصوصيتون جيڪي قرآن ڪريم ۾ بيان ڪيون ويون آهن، مثال طور قرآن ڪريم ۾ ڪٿي پاڻ ڪي **شفاعت ڪرڻ وارو** فرمايو ويو ته ڪٿي پاڻ ڪي سِراجاً مُّنيرًا فرمايو ويو- ڪٿي پاڻ ڪي يٰس و طٰهٰ فرمايو ويو ته ڪٿي پاڻ ڪي مزّمّل و مُدّثّر فرمايو ويو، مطلب ته الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ کي جن بيشمار اوصاف ۽ خصوصيات سان نوازيو آهي انهن جي باري ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنديوسين- لهٰذا! **آئنده اربع تي ٻه اجتماع** ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي ٻه گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو.